رضوان اللہ تعالیٰ علیہم اجمعین

# شانِ صحابہ



هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شانِ صحابہ رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللہ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللہ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ ابدِ قرار، بنهي جهانن جي مالڪ و مُختار صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن اُن جي دَهشتن ۽ حِساب ڪِتاب کان جَلد نَجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شَخص هوندو، جنهن مون تي دُنيا ۾ بڪثرت دُرُود شريف پڙهيا هوندا.[1]

سُنتے ہیں کہ محشر میں صرف اُن کی رَسائی ہے گر اُن کی رَسائی ہے لوجب تو بَن آئی ہے

---

[1] ... فردوس الاخبار، ج۲ / ۴۷۱، حديث: ۸۲۱۰



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[2]

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

2......(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۾ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[3] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صَحابہءِ ڪِرام جو جذبہءِ اِيثار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ محرم الحرام جي نئي اسلامي سال جي آمد ٿي چڪي آهي ، ماهِ محرم الحرام جا پهريان 10 ڏينهن **دعوتِ اسلامي عشره فيضانِ صحابہ و اهلبيت** ملهائي رهي آهي، اڄ "شانِ صحابہ" جي عنوان تي ۽ آئنده جمعرات شانِ اهلبيت جو بيان ٿيندو، جنهن جو موضوع آهي

[3] (بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب ما ذڪر عن بني اسرائيل ج2، ص 462 حديث 3461)



www.dawateislami.net

”**حسنينِ ڪريمَين جو شان ۽ عظمت**“.اچو تہ شانِ صحابہ سان مالامال هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا: جيئن تہ **مڪتبة المدينہ** جي مطبوعہ 2 جلدن تي مشتمل ڪتاب "عيون الحكايات" جنهن ۾ نصيحت ڀريا واقعا آهن، ان جي پهرين جِلد جي صفحي نمبر 73 تي حڪايت نمبر 17 آهي:

حضرت سَيدُنا **ابُوجَهُم بن حُذَيفَہ** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: غزوهء يرمُوڪ جي ڏينهن آئون پنهنجي سَؤٽ کي تَلاش ڪري رهيو هئس، مون وٽ هڪ ٿانءُ ۾ ٿورو پاڻي هو جو هڪ شَخص کي سيراب ڪري ها. مون سوچيو تہ جيڪڏهن منهنجي سؤٽ جي زِندگي جا آخري پساهہ باقي هوندا تہ آئون اُن کي هي پاڻي پياريندس ۽ اِن سان سندس چهري کي صاف ڪندس. آئون جيئن ئي اُن جي ويجهو پهتس تہ ڏٺم تہ اهي رت ۾ لٿڙيل هئا، مون اُن کان پڇيو: ڇا آئون توهان کي پاڻي پياريان؟ اُنهن اِشاري سان چيو: ها، ايتري ۾ اوچتو ڪنهن ٻئي جو آواز آيو. منهنجي سَؤٽ چيو: هي پاڻي ان وٽ کڻي وڃو. مون ڏٺو تہ اهي حضرت سَيدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ڀاءُ حضرت سَيدُنا هِشام بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هئا. آئون اُن جي ويجهو پهتس ۽ انهن کي چيم، آئون توهان کي پاڻي پِياريان ٿو، ايتري ۾ اُنهن بہ هڪ ٻئي زَخمي جو آواز ٻڌو ۽ اشاري سان فرمايو تہ هي پاڻي ان وٽ کڻي وڃو. آئون اُن جي ويجهو پهتس تہ اهي جامِ شهادت نوش فرمائي چڪا هئا. پوءِ آئون واپس حضرت سَيدُنا هِشام بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ آيس تہ اهي بہ پنهنجي خالقِ حقيقي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پهچي چڪا هئا. پوءِ آئون پنهنجي سَؤٽ وٽ آيس تہ ڏٺو تہ اهي بہ شهيد ٿي چڪا آهن.[4]

---

4... عيون الحكايات جلد1ص73



www.dawateislami.net

سُبحٰن  الله  عَزَّوَجَلَّ! صَحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو شان ۽ شوڪت ٻہ ڪيترو قدر اَرفَع ۽ اَعلٰي هو، بدن زخمن سان چُور چُور آهي، اُڃ جي شِدَّت ٻہ پنهنجي عُروج تي آهي، پر قُربان وڃو! اِن نيڪ هستين جي جَذبہء اِيثار تي، جو اِن حالت ۾ بہ ٻين صَحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي تڪليفن جو اِيتري قدر اِحساس هو جو پنهنجي اُڃ کي قُربان ڪري ڇڏيو. ٿورو غور ڪريو تہ اهڙي حواس گُم ڪري ڇڏيندڙ عالَم ۾ جڏهن عقل بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي ويندو آهي ۽ هر شَخص کي صِرف پنهنجو ئي فڪر هوندو آهي، پر ان مبارڪ هستين کي ”یا شیخ اپنی اپنی دیکھ“ جي بجاءِ ٻين جو فِڪر ستائي رهيو آهي تہ جيڪڏهن آئون پي وٺندس تہ منهنجو مُسلمان ڀاءُ اڃايل رهجي ويندو. بيشڪ هي اُنهن جي عُمده (بهترين) تعليم  ۽ تَربِيت، بُلند درجي جي هِمَّت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪامل مَحَبَّت جو نتيجو هو، اُنهن جي اِنهن اَعلٰي صِفتن جي سبب صَديون گُذري وڃڻ جي باوُجود اڄ بہ رُشد ۽ هدايت جي اِنهن روشن سِتارن جو ذِڪرِ خَير مسلمانن کي قَلبي سڪون پهچائيندو آهي ۽ اُنهن جي شان ۽ عظمت جي نَغمن جي گُونج هر طرف ٻڌڻ ۾ ايندي آهي .اڃو تہ! هاڻي هي بہ ٻُڌندا هلون تہ ”صَحابي“ ڪنهن کي چيو ويندو آهن، ان ڪان پهريان **شانِ صحابہ** ۾ لکيل اشعار ٻڌو، جيڪي مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”ڪراماتِ صحابہ“ جي شروع ۾ دَرج آهن.

دو عالم نہ کیوں ہو نثارِ صحابہ ... کہ ہے عرش منزل وقارِ صحابہ
امیں ہیں یہ قرآن و دینِ خدا کے ... مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ
صحابہ ہیں تاجِ رِسالت کے لشکر ... رسولِ خدا تاجدارِ صحابہ



www.dawateislami.net

اِنہی میں ہیں صدیق و فاروق و عثماں　　اِنہی میں ہیں علی شہوارِ صحابہ
پسِ مرگ اے اعظمی یہ دُعا ہے　　بنوں میں غُبارِ مزارِ صحابہ

## صحابي جي تعريف (صحابي ڪنهن کي چيو ويندو آهي)

حضرت علّامه حافِظ اِبنِ حَجَر عَسقَلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن خُوش نصيب حُضُور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اِيمان جي حالت ۾ ڏٺو ۽ اِيمان جي حالت ۾ ئي اُن جو خاتِمو ٿيو. اُن خُوش نصيب کي صَحابي چوندا آهن.[5] صَحابين جو تعداد هڪ لَک کان وڌيڪ آهي. روايت آهي تہ حِجَّةُ الوِداع ۾ تقريبًا هڪ لَک چوڏهن هزار (14,000) صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان گڏ حج جي لاءِ مڪہ مڪرمہ ۾ جمع ٿيا ۽ ڪجهہ ٻين روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ حِجَّةُ الوِداع ۾ صَحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم اَجْمَعِيْن جو تَعداد تقريبًا هڪ لَک چوويهہ هزار (1,24,000) هيو. (زرقانی ج۳،ص۱۰۶ومدارج ج۲،ص۳۸۷،از کراماتِ صحابہ:۵۱) سيني صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا نالا معلوم نہ آهن ۽ جن جا نالا معلوم آهن (انهن جو تعداد) ست هزار (7000) آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت:۴۰۰) (سيني صحابہ ۾) خُلَفاءِ اَربعہ کان پوءِ عشرہءِ مُبشَّرہ، حضراتِ حَسنين (يعني حضرت اِمام حسن ۽ حضرت اِمامِ حسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم اَجْمَعِيْن)، اَصَحابِ بَدر ۽ اَصَحابِ بَيعَةُ الرِّضوان جي لاءِ فَضيلت آهي ۽ اهي سڀ (يعني تمام صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) قَطعي (يقيني) جَنَّتي آهن. (بہارِ شريعت،حصہ اول،ص۲۴۹) قرآنِ ڪريم ۾ جڳهہ جڳهہ تي صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي حُسنِ عمل، حُسنِ اَخلاق ۽ حُسنِ ايمان جو تَذڪرو آهي ۽ اُنهن کي دُنيا ۾ ئي مَغفرت ۽ بخشش ۽

---

5… فتح الباری ،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب فضائل اصحاب النبی...الخ،۸/۳-۴ مفہوماً



www.dawateislami.net

اِنعاماتِ اُخرَوي (آخرت جي انعامن) جي خُوشخبري ڏني وئي. غور ڪريو تہ جن جي اَوصافِ حميده (اعلٰي خوبين) جي خُود اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تَعريف فرمائي، اُنهن جي عظمت ۽ رِفعَت (بُلندي) جو اَندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو. اچو تہ! اُن پاڪ هستين جي باري ۾ **قرآنِ پاڪ** جون ڪجهہ آيتون پڙهون ٿا، تہ جيئن اسان جي دِلين ۾ صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي عظمت ۽ عقيدت مزيد اجاگر ٿئي. جيئن تہ سيپاري 9 سُوْرَةُ الْاَنْفَال جي آيت نمبر 4 ۾ اِرشادِ باري تَعالٰي آهي:

اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّاؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ مَغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِیْمٌۚ(۴)

(پ۹،الانفال:۴)

**تَرجَموڪنزالايمان:** اِهي ئي سچا مسلمان آهن انهن جي واسطي درجا آهن انهن جي رب وٽ ۽ بخشش آهي ۽ عزت جي روزي.

سيپاري 11 سُوْرَةُ التَّوْبَة آيت نمبر 100 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

رَّضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًاؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ(۱۰۰)

(پ۱۱،التوبۃ: ۱۰۰)

**تَرجَموڪنزالايمان:** اللّٰه انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي اللّٰه کان راضي ٿيا ۽ انهن جي واسطي تيار ڪري رکيائين باغ جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشہ هميشہ انهن ۾ رهندا، اها ئي وڏي ڪاميابي آهي.

سيپاري 26 سُوْرَةُ الْفَتْح جي آيت نمبر29 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ ؕ وَ الَّذِیۡنَ مَعَہٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَی الۡکُفَّارِ رُحَمَآءُ بَیۡنَہُمۡ تَرٰىہُمۡ رُکَّعًا سُجَّدًا یَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰہِ وَ رِضۡوَانًا ۫ سِیۡمَاہُمۡ فِیۡ وُجُوۡہِہِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ ؕ ذٰلِکَ مَثَلُہُمۡ فِی التَّوۡرٰىۃِ ۚۖۛ وَ مَثَلُہُمۡ فِی الۡاِنۡجِیۡلِ ۚ۟ۛ کَزَرۡعٍ اَخۡرَجَ شَطۡـَٔہٗ فَاٰزَرَہٗ فَاسۡتَغۡلَظَ فَاسۡتَوٰی عَلٰی سُوۡقِہٖ یُعۡجِبُ الزُّرَّاعَ لِیَغِیۡظَ بِہِمُ الۡکُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰہُ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنۡہُمۡ مَّغۡفِرَۃً وَّ اَجۡرًا عَظِیۡمًا ﴿٢٩﴾

(پ٢٦،الفتح: ٢٩)

**تَرجَموڪنزالايمان:** محمد الله جو رسول آهي ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت آهن ۽ پاڻ ۾ نرم دل تون انهن کي ڏسندين رڪوع ڪندي سجدي ۾ ڪِرندي الله جو فضل ۽ رضا ڳوليندي انهن جي نشاني انهن جي منهن ۾ آهي سجدي جي نشان کان اها انهن جي صفت توريت ۾ آهي ۽ انهن جي صفت انجيل ۾ جيئن هڪ پوک ان پنهنجو سَلو ڪڍيو پوءِ ان کي طاقت ڏنائين پوءِ سخت ٿي پوءِ پنهنجي ڪاني تي سڌي بيهي رهي هارين کي چڱي لڳي ته جيئن انهن سان ڪافرن جي دل ساڙي، الله واعدو ڪيو انهن سان جن انهن مان ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون بخشش ۽ وڏي ثواب جو.

سيپاري 2 سُوْرَۃُالْبَقَرَۃ آيت نمبر 218 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اُولٰٓئِکَ یَرۡجُوۡنَ رَحۡمَتَ اللّٰہِ ؕ وَ اللّٰہُ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿٢١٨﴾ (پ٢،البقرة:٢١٨)

**تَرجَموڪنزالايمان:** اهي ئي الله جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ الله بخشڻهار ٻاجهارو آهي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل مبارڪ آيتن مان هي حقيقت روشن ڏينهن وانگر واضح ٿي رهي آهي تہ مَحبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تمام صَحابہء ڪِرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اَجْمَعِيْن ڪيتري قدر اَرفَع ۽ اعلٰي مرتبي ۽ شان جا مالڪ هئا جن پنهنجون زِندگيون الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا جي حُصول ۽ دينِ اسلام جي سَربُلندي جي لاءِ وَقف ڪري رکيون هيون، اِهي مَردانِ عرب پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻانهن ٻيلي ٿي ڪري دين کي زنده رکڻ جي خاطِر اهڙيون اهڙيون قُربانيون پيش ڪيون جن کي فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي، الله عَزَّوَجَلَّ ميدانِ جنگ جي انهن شَهسُوارن کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت گُذاري جي صَدقي نہ صِرف پنهنجي بخشش ۽ رِضا مندي ۽ جنَّت جي حَقداري وغيره جهڙن عظيمُ الشَّان اِنعامن سان نوازيو بلڪ اُنهن کي ملڻ وارين عطائن ۽ نوازشن جو پنهنجي پاڪيزه ڪلام **قرآنِ ڪريم** ۾ جڳهہ جڳهہ تي تَذڪرو بہ اِرشاد فرمايو تہ جيئن قيامت تائين اچڻ وارن مُسلمانن جي دِلين ۾ انهن جو شان ۽ عظمت مزيد مُستَحڪَم (مضبوط) ٿي وڃي. قرآني آيتن کان علاوه نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي زبانِ مُبارَڪ مان ڪڏهن تہ عام طور تي سيني صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون فضيلتون بيان فرمايون ۽ ڪڏهن نالو وٺي ڪري انهن جو شان، عظمت، مقام ۽ مرتبو اجاگر فرمايو. جيئن تہ

## نيڪوڪار هستيون

حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اَعظَم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن سُلطان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَكْرِمُوا



www.dawateislami.net

اَصۡحَابِي فَاِنَّهُمۡ خِيَارُكُمۡ [6] يعني منهنجي صحابہ (رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْهِمْ اَجْمَعِیْن) جي عزّت ڪريو ڇو تہ اهي توهان جا نيڪ ترين ماڻهو آهن. مزيد فرمايو: ” خَيۡرُ اُمَّتِي اَلۡقَرۡنُ الَّذِينَ يَلُوۡنِي ثُمَّ الَّذِينَ يَلُوۡنَهُمۡ ثُمَّ الَّذِينَ يَلُوۡنَهُمۡ [7] يعني منهنجي اُمّت ۾ سڀ کان بهتر منهنجي زماني وارا آهن (يعني صَحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) پوءِ اُن کان بعد وارا ماڻهو (يعني تابعين) پوءِ اُن کان بعد وارا ماڻهو آهن (تبع تابعين) رَحۡمَةُاللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن.“

ڪجھ اُهي صَحابہء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان بہ آهن جن جي نُمايان ڪارنامن جي سبب نبي پاڪ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو شان ۽ عظمت نالو وٺي ڪري ڪجھ هن طرح بيان فرمايو آهي تہ ابُوبڪر منهنجي اُمَّت۾ سڀ کان وڌيڪ نَرم دل ۽ رَحم دل شخص آهي ۽ عمر بن خَطاب منهنجي اُمَّت ۾ بهترين ۽ سڀ کان وڌيڪ اِنصاف ڪرڻ وارو شخص آهي ۽ عثُمان بن عَفَّان منهنجي اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ باحيا ۽ عزت وارو آهي ۽ علي بن ابي طالب منهنجي اُمَّت ۾ عقلمند ۽ سڀ کان وڌيڪ بَهادُر شخص آهي ۽ عبدُاللّٰہ بن مَسعُود منهنجي اُمَّت ۾ نيڪ ۽ اَمانت دار شخص آهي ۽ ابُوذَر هن اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ زاهد ۽ سچو انسان آهي ۽ ابُو دَرۡدَه منهنجي اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ عِبادت گُذار ۽ مُتَّقِي شخص آهي ۽ مُعاويہ بن سُفيان منهنجي اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ بُردبار ۽ سخي شخص آهي. (کنزالعمال،ج۷ ص: ۳۴۴،حديث:۳۳۶۶۶)

وڌيڪ فرمايو :آئون اَهلِ عرب مان سڀ کان پهريان جنَّت ۾ داخل ٿيڻ وارو آهيان ۽ سَلمان اَهلِ فارس مان سڀ کان پهريان جنَّت ۾ داخل ٿيڻ وارو آهي ۽ صُهَيب، رُومين مان سڀ کان پهريان جنَّت ۾ داخل ٿيڻ وارو آهن ۽ بِلال،

---

6…مشكاة المصابيح،كتاب المناقب، باب مناقب الصحابة، ۴۱۳/۲،حديث: ۶۰۱۲

7…مسلم،کتاب فضائل الصحابہ باب فضائل الصحابہ…الخ ،ص،حديث: ۲۵۳۵



www.dawateislami.net

اَهلِ حَبَشہ مان سڀ کان پهرين جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارو آهن. (کنزالعمال،ج۷ ص: ۳۴۴،حديث:۳۳۶۷۲) منهنجا سڀ صحابہ منهنجي ويجهو مُعزَّز (عزت وارا) ۽ محبوب آهن، چاهي اهو حبشي غُلام هجي. (کنزالعمال،ج۷ ص: ۳۴۵،حديث:۳۳۶۷۴)

نمایاں ہیں اِسلام کے گلستاں میں ہر اِک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ

## هدايت جا چشم و چراغ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! مَولاءِ ڪُل، فَخرِ رُسُل صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ڪهڙو شان ۽ عظمت بيان فرمائي ۽ خُود حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اها خواهش آهي تہ منهنجي اُمَّت منهنجي صحابين جي خُوب خُوب تعظيم ۽ ادب ڪري، تنهنڪري اسان کي بہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان سچي مَحَبَّت رکڻ گهرجي ۽ انهن جي سيرت ۽ ڪردار تي عمل ڪندي، پنهنجي زِندگي گذارڻ گهرجي، ڇو جو هي راهِ هدايت جا اُهي روشن سِتارا آهن ، جن جي باري ۾ مديني جي سلطان، رَحْمتِ عالميان صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:" اَصْحَابِي كَالنُّجُومِ فَبِاَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمْ"[8] يعني منهنجا صحابہ (رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن) سِتارن وانگر آهن، توهان اِنهن مان ڪنهن جي بہ اِقتدا (پيروي) ڪندؤ تہ هدايت حاصل ڪري وٺندؤ. مُفسّر شهير ، حڪيمُ الاُمّت ، حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان ان حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا : سُبحٰن اللّٰہ ! ڪهڙي نہ نَفيس (پاڪيزه) تشبيهہ آهي، حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم

---

8...مشكاة المصابيح،كتاب المناقب،باب مناقب الصحابة، ۴۱۴/۲، حديث: ۶۰۱۸



www.dawateislami.net

کي ”هدايت جا ستارا“ (چوندي تذڪرو) فرمايو ۽ ٻي حديث ۾ پنهنجي اَهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي ”ڪشتيءِ نُوح“ فرمايو، سَمُنڊ جو مُسافر، ٻيڙي جو بہ حاجت مند هوندو آهي ۽ تارن جي رَهبري جو بہ، جهاز ستارن جي رَهنمائي تي ئي سَمُنڊ ۾ هلندا آهن. اهڙي طرح اُمّتِ مُسلِمہ پنهنجي اِيماني زِندگي ۾ اَهلبيتِ اَطهار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جا بہ مُحتاج آهن ۽ صحابہءِ ڪِبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جا بہ حاجت مند، اُمّت جي لاءِ صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جي اِقتداء ۾ ئي اِقتِداء يعني هدايت آهي.[9]

اَہلِ سُنَّت کا ہے بیڑا پار، اَصحابِ حُضور

نجم ہیں اور ناؤ ہے عترت رَسُوْلُ اللّٰہ کی

(حدائقِ بخشش)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو بي مثال ڪردار ۽ پاڪيزه اخلاق، اُمّت جي اِصلاح ۽ تَربِيت جي حوالي سان وڏي اَهَميت جو حامل آهن، فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ”مِثْلُ اَصْحَابِيْ فِيْ اُمَّتِيْ كَالْمِلْحِ فِي الطَّعَامِ لَا يَصْلَحُ الطَّعَامُ اِلَّا بِالْمِلْحِ، يعني منهنجي صحابہ جو مثال منهنجي اُمّت ۾ ”ڪاڌي ۾ لوڻ“ وانگر آهي جو ڪاڌو بغير لوڻ جي دُرُست نہ هوندو آهي.“[10]

يعني جيئن لوڻ تہ ٿورو هوندو آهي، پر پوري ڪاڌي کي دُرُست ڪري ڇڏيندو آهي، ايئن ئي منهنجا صحابہ منهنجي اُمّت ۾ آهن تہ ٿورا، پر سيني جي اِصلاح اِنهن جي ذريعي ئي آهي. ريل جو پهرين ڊبو جيڪو اِنجڻ سان

---

9...مرآۃ المناجيح، ۱۷۹/۸

10... شرح السُّنۃ،کتاب فضائل الصحابۃ،باب فضل الصحابۃ،۷۶/۷،حديث:۳۸۶۳



www.dawateislami.net

مُتَّصِل (جڙيل) هوندو آهي،اهو پوري ريل کي اِنجڻ جو فَيض پهچائيندو آهي اِنجڻ ان ڏبي کي ڇڪيندِي آهيءَ سڀ ڏبا ان جي ذريعي ڇڪبا آهن. [11]

## صَحابہءِ کِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي عظمت ۽ فضيلت

حضرت سَيِّدُنا عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ مَوقعي تي صَحابہءِ کِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي عظمت ۽ فضيلت تي روشني وجهندي، ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو شخص راهِ راست (سڌي رستي) تي هلڻ چاهي، اُن کي گهرجي تہ اُنهن ماڻهن جي رستي تي هلي ۽ اُنهن جي پيروي ڪري، جيڪي هن جهان مان گُذري ويا جو زِنده (يعني اهي ماڻهو جن تي اڃا تائين موت طاري ناهي ٿيو اُنهن) جي باري ۾ هي انديشو مَوجود آهي تہ اهي دين ۾ ڪنهن فتني ۾ مُبتَلا ٿي وڃن ۽ هي ماڻهو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صَحابہءِ کِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان آهن. هي حضرات اُمّت ۾ سڀ کان وڌيڪ اَفضل آهن، پوري اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ انهن جون دليون نيڪوڪار، انهن جو عِلم سڀ کان وڌيڪ گهرو ۽ انهن جا عملَ تَکَلُّف (يعني بناوٽ) کان خالي آهن، هي اهي ماڻهو آهن جن کي الله تعالٰي پنهنجي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي رَفاقت ۽ صُحبت ۽ خِدمتِ دين جي لاءِ چونڊيو تہ انهن جو فضل ۽ ڪمال سڃاڻو، انهن جي طور طريقن جي پيروي ڪريو، جيتري قدر مُمڪن ٿي سگهي انهن جا اَخلاق ۽ انهن جي سيرت اختيار ڪريو تہ بيشڪ هي ماڻهو دُرُست راهِ تي قائم هئا. [12]

---

11...مرآة المناجيح،١٧٨/٨

12...مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،كتاب الاعتصام بالكتاب والسنة، ٥٧/١،حديث: ١٩٣



www.dawateislami.net

خلافت اِمامت وِلایت کرامت ہر اِک فضل پر اِقتدارِ صحابہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! حضرتِ سَيِّدُنا عبدُاللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ڪيتري خُوبصورت اَنداز ۾ صَحابہءِ ڪِرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي عظمت ۽ اَهَميّت جي مُتَعلِّق مدني گُل ارشاد فرمايا. يقينًا حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تَربِيت يافتہ هر هڪ صحابي رهنمائي ۽ هدايت جو سَرچشمو آهي. ڇو جو پُوري اُمَّت ۾ صرف صَحابہءِ ڪِرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي ئي تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قُربت ۽ صُحبت کان فيضياب (فَيضَ.ياب) هئڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ انهيءَ سبب انهن کي اهڙي عَظَمَت ۽ شَرافت نصيب ٿي جيڪا ڪنهن غيرِ صحابي کي حاصل نٿي ٿي سگهي. جيئن تہ سُلطانِ عَرَب، محبوبِ ربّ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: توهان جو جبل برابر سَون خَيرات ڪرڻ منهنجي ڪنهن صحابي جي سَوا سَير جَو خَيرات ڪرڻ بلڪ ان جي اَڌ جي برابر بہ نٿو ٿي سگهي.“

(بخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب قول النبی لو کنت متخذا خلیلا، ۲ /۵۲۲،حدیث: ۳۶۷۳)

مُفَسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان ان حديث پاڪ جي شرح ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: يعني منهنجو صحابي تقريبًا سَوا سَير جَوَ خَيرات ڪري ۽ اُن کان علاوه ڪو ٻيو مُسلمان چاهي غَوث ۽ قُطب هجي يا عام مُسلمان هجي، جبل برابر سَون خيرات ڪري تہ اُن جو سَون قُربِ الٰهي ۽ قَبوليت ۾ صَحابي جي سَوا سير کي نہ ٿو پهچي سگهي، اهڙي طرح روزي، نماز ۽ سمورين عبادتن ۾ بہ آهي. جڏهن مسجدِ



www.dawateislami.net

نَبَوِي جي نماز ٻي جڳهه جي نمازن کان پنجاهه هزار (50,000) ڀيرا (وڌيڪ ثواب واري) آهي، تہ جن حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب ۽ ديدار ڪيو انهن جو ڇا بيان ڪجي! ۽ سندن عبادتن جي ڇا ڳالھ ڪجي؟[13]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح ڪنهن مُسلمان جي وڏي کان وڏي نيڪي صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي ننڍڙي نيڪي جي برابر نٿي ٿي سگهي، اهڙي طرح ڪو ڪيترو ئي وڏو ولي، غوث ۽ قُطُب ڇو نہ ٿي وڃي ۽ ان جي ذات کان بَکثرت ڪرامتن جو صُدُور بہ ٿيندو رهي، پر اهو پوءِ بہ ڪنهن صحابي جي مَقام تائين نہ تو پهچي سگهي. شَيخُ الحديث حضرت علامه مُفتي عبدُالمصطفٰي اَعظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: تمام عُلَماءِ اُمَّت ۽ اڪابِرِ اُمَّت جو اِن مَسئَلي تي اِتفَاق آهي تہ صحابہء ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم "اَفضَلُ الاَولياء" آهن يعني قِيامت تائين سڀ اَولياء چاهي اُهي دَرَجهء وِلايت جي بُلند تَرين منزل تي فائز ٿي وڃن، پر هرگز هرگز ڪڏهن بہ اهي ڪنهن صحابي جي ڪمالاتِ ولايت تائين نہ ٿا پهچي سگهن. خُداوَندِ قُدُّوس پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شَمعِ نُبُوَّت جي پروانن کي مَرتبہء ولايت جو اهو بُلند ۽ اعلٰي مَقام عطا فرمايو آهي ۽ اُن مُقَدَّس هستين کي اهڙين اهڙين عظيمُ الشَّان ڪرامتن سان سَرفراز فرمايو آهي جو ٻين سيني اَولياء جي لاءِ اِن مِعراجِ ڪمال جو تَصوُّر بہ نہ تو ڪري سگهجي. اِن ۾ شڪ ناهي تہ حضراتِ صَحابہء ڪِرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کان اِيتري قدَر ڪرامتن جو صُدور نہ ٿيو، جيتري قدَر ٻين اَولياءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کان ڪرامتون مَنقول آهن، پر واضح رهي تہ ڪَثرتِ ڪرامت افضليتِ وِلايت جي دليل ناهي، ڇو جو

---

13... مرآة المناجيح،۸/۱۷۴، ملتقطاً



www.dawateislami.net

وِلايت دَرحقيقت قُربِ الٰهي جو نالو آهي . قُربِ الٰهي جنهن کي جيتري قدَر وڌيڪ حاصل هوندو، اوتري قدَر ان جي ولايت جو درَجو بُلند کان بُلند تَر هوندو. صَحابہء ڪِرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم جيئن تہ نگاهِہ نُبُوَّت جي اَنوار ۽ فَيضانِ رسالت جي فيض ۽ بَرَڪتن کان مُستَفِيض آهن، تنهنڪري بارگاهِہ خُداوَندي ۾ اُنهن بزرگن کي جيڪو قُرب ۽ تَقرُّب حاصل آهي، اهو بين اَولِياءُ الله کي حاصل ناهي. جيتوڻيڪ صَحابہء ڪِرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم کان تمام گهٽ ڪرامتون صادِر (جاري) ٿيون، پر پوءِ بہ صَحابہء ڪِرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم جو دَرَجہء وِلايت بين اَولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ السَّلَام کان تمام گهڻو اَفضل ۽ اَعلٰي ۽ بُلند و بالا آهي. (ڪرامات ِصحابہ، ص۵۳)

یہ مہریں ہیں فرمانِ ختم الرسل کی ہے دِینِ خدا شاہکارِ صحابہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ صَحابہء ڪِرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو شان اهڙو بي مثال آهي جو ڪوبہ سندن مَقام ۽ مرتبي تائين هرگز نہ ٿو پهچي سگهي. اِنهي مُبارَڪ هستين دين جي سَربُلندي جي لاءِ پنهنجون جاني ۽ مالي قُربانيون پيش ڪيون، دينِ اسلام جي شُهرت ۽ اِشاعت جي لاءِ گهربار ڇڏي سفر جي مُشڪلاتن ۾ ڪڏهن صَبر جو دامن نہ ڇڏيو. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان مُسلمان آهيون، اسان جي هٿن ۾ قرآنِ ڪريم جي صُورت ۾ اَحڪامِ اِلٰهي ۽ اَحاديثِ ڪريمہ جي صُورت ۾ فرامينِ نَبَوي بہ اُنهن مُقدَّس هستين جي ڏينهن ۽ رات جي محنتن ۽ ڪوشش جو نتيجو آهن. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجي ان محسنين (احسان ڪندڙن) جي مَحبَّت ۽ عظمت کي پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيون، انهن جي نَقشِ قدم



www.dawateislami.net

تي هلندي پنهنجي زِندگي گذاريون ۽ انهن جي اَدنٰي (يعني ننڍي کان ننڍي) بي اَدَبي ۽ گُستاخي ۽ تنقيد ڪرڻ کان بہ باز رهون ۽ هميشہ انهن جو ذِڪرِ خَير ڪندا رهون. عُلَماء فرمائن ٿا: انهن (صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جو جڏهن (بہ) ذِڪر ڪيو وڃي تہ خير (ڀلائي) ئي سان ڪَرڻ فرض آهي. (بہارِ شريعت:١/ ٢٥٢) ياد رکو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا ۽ خُوشنودي حاصل ڪرڻ جي لاءِ صرف حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت جي دعويٰ ئي ڪافي ناهي بلڪ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو اَدب ۽ اِحترام بہ ضروري آهي نہ تہ انهن حضرات جي بُرائي ڪرڻ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جيئن تہ

حضرت علاَّمہ يوسف بن اِسماعيل نَبْهَاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ابُوعلي قحطان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي هڪ حڪايت بيان فرمائن ٿا، مون خُواب ۾ ڏٺو تہ آئون ڪَرَخ جي جامع مسجد شَرقيہ ۾ داخل ٿيس، مون سَيدُالمُرسَلِين، جنابِ رَحمَةٌ لِّلعلمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ بہ شخص بہ هئا، جن کي آئون نہ سڃاڻيندو هئس، مون حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خِدمَت ۾ سلام عرض ڪيو، پر حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪو جواب نہ ڏنو، مون عرض ڪيو: **يارسُولَ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آئون توهان تي ڏينهن ۽ رات ۾ ايترا ايترا ڀيرا دُرُود ۽ سلام موڪليندو آهيان ۽ توهان مون کي سلام جي جواب کان مَحروم فرمائي ڇڏيو؟ **رَسُولُ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”تون مون تي تہ دُرُود موڪليندو آهين ۽ منهنجي صَحَابين تي طعنا (۽ تنقيد) ڪندو آهين.“ مون عرض ڪيو: ”**يارَسُولَ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آئون اوهان جي مبارڪ هٿن تي توبهہ ڪريان ٿو آئنده



www.dawateislami.net

ايئن نہ ڪندس.“پوءِ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (سلام جو جواب ارشاد فرمايو: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ.

(سعادة الدارين، الباب الرابع فيماورد من لطائف المرائى والحكايات ...الخ ، اللطيفة الخامسة والعشرون بعد المائة،ص ١٦٣)

بہرِ صدّیق و عمر، عثماں علی　　کیجئے رحمت اے نانائے حُسین

سب صحابہ کا وسیلہ سیّدا　　کیجئے رحمت اے نانائے حُسین　　(وسائل بخشش،ص١٦٨)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## راهِ هِدايت جا روشن سِتارا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اسان ڪي نبي ڪريم، رَءُوفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت رکندي، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ پاڪ تي دُرُود شريف جي ڪثرت سان گڏوگڏ سندن جي سيني صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان بہ مَحَبَّت رکڻ گهرجي، مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو ڪجھ صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان تہ بي پناھ عِشق ۽ مَحَبَّت جو اِظهار هجي ۽ باقي اصَحابِ رسول جي لاءِ دل ۾ عَداوت ڀريل هجي جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ بُغض جي سبب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لَعنت ٿيندي. جيئن تہ

## لَعنتِ خُداوندي جو مُستَحِق

حضرت عُوَيم بِن سَاعِدَہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ نامدار مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ خُوشبودار آهي: ”بيشڪ



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مُنتَخَب فرمايو ۽ منهنجي لاءِ منهنجي صَحابين کي پسند فرمايو، پوءِ انهن مان منهنجا وزير، مُعاوِن ۽ رشتيدار بڻايا، فَمَنْ سَبَّهُمْ فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ بس جيڪو انهن کي گار ڏيندو، ان تي الله عَزَّوَجَلَّ ، ان جي فِرِشتن ۽ تمام ماڻهن جي لَعنت آهي، لَايَقْبَلُ اللّٰهُ مِنْهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ صَرْفًا وَّلَا عَدْلًا ، قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ نہ ان جو ڪو فَرض قَبول فرمائيندو نہ نفل.“ (الصواعق المحرقہ،ص۴)

وڌيڪ فرمايو: منهنجي صحابين جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا رهو ”مون کان بعد انهن کي (پنهنجي تُهمتن (الزامن) ۽ بُري ڳالهين جو) نشانو نہ بڻايو، بس جنهن انهن سان مَحَبَّت ڪئي، تہ ان مون سان مَحَبَّت جي سبب ايئن ڪيو ۽ جنهن انهن سان بُغض رکيو تہ ان (دَرحقيقت) مون سان بُغض جي سبب ايئن ڪيو، جنهن انهن کي اَذِيت ڏني، ان مون کي اَذِيت ڏني ۽ جنهن مونکي اَذِيت ڏني، ان الله عَزَّوَجَلَّ کي اَذِيت ڏني ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ کي اِيذاء ڏي، عنقريب الله عَزَّوَجَلَّ ان جي پڪڙ فرمائيندو.“(مشكاة،كتاب المناقب ،باب مناقب الصحابہ ،۲/ ۴۱۴،حديث:۶۰۱۴) هڪ بي حديث پاڪ ۾ آهي: وَمَنْ اَسَاءَ الْقَوْلَ فِيْ اَصْحَابِيْ كَانَ مُخَالِفاً لِسُنَّتِيْ، جنهن منهنجي صَحابہ جي مُتعلِّق بُري ڳالھ چئي تہ اهو منهنجي طريقي کان هٽي (ڦِري) ويو، وَمَأْوَاهُ النَّارُ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ، ۽ ان جو ٺڪاڻو باھ آهي ۽ ڪيڏي نہ بُري جڳھ آهي موٽڻ جي.“

(الرياض النضرة، الباب الاول ،ذكر ماجاء فى الحث على حبهم والاحسان اليهم ...الخ ،۲۲/۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان بُغض رکڻ وارا بحڪمِ حديث، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ فِرِشتن ۽ تمام ماڻهن جي



www.dawateislami.net

لَعنت جا حَقدار آهن. صَحابهء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۾ گُستاخي ڪرڻ وارا ۽ انهن جي صحبت ۾ ويهڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي پنهنجي سِر تي کڻندا آهن، پنهنجي آخرت برباد ڪندا آهن ۽ مرڻ وَقت انهن کي ڪَلِمو به نصيب نه ٿيندو.

حضرت علاّمه جلالُ الدين سُيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”شرح الصُّدور“ ۾ نقل ڪن ٿا: ”هڪ شخص جي موت جو وَقت ويجهو آيو ته ان کي ڪَلِمهء طَيِّبَہ پڙهڻ جي لاءِ چيو ويو. ان شخص جواب ڏنو ته آئون ان جي پڙهڻ تي قادِر ناهيان، ڇو جو آئون اهڙن ماڻهن سان گڏ اُٿندو ويهندو هئس جيڪي مونکي سَيدُنا ابُوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي بُرو ڀلو چوڻ جي تلقين ڪندا هئا.“

(شرح الصدور،باب ما يقول الانسان فی مرض الموت، ص٣٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته شَيخينِ ڪريمَين يعني سَيِّدُنا صديق ۽ فارُوق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي شان ۾ گُستاخي ڪرڻ وارن جي صُحبت جو هي وَبال هو جو ان شخص کي مرڻ وَقت ڪَلِمو نصيب نه ٿيو ۽ جيڪي ماڻهو خُود صَحابهء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي تَوهين ڪندا آهن، اهڙن بدنصيبن کي ماڻهن جي لاءِ دُنيا ۾ عبرت جو نمونو بڻايو ويندو آهي. اچو ته! انهيءَ متعلق ڪجهه واقعا ٻڌون ٿا: جيئن ته

## دُشمنِ صحابہ جو اَنجام

حضرت سَيِّدُنا سَعَدبن اَبي وقّاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تشريف وني وڃي رهيا هئا ته اوچتو سندن گُذر هڪ اهڙي شخص جي ويجهي کان ٿيو جيڪو حضرت سَيِّدُنا علي، حضرت سَيِّدُنا طلحه ۽ حضرت سَيِّدُنا زُبير رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جهڙن



www.dawateislami.net

جَليلُ القدر صَحابہء کِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شانِ عظمت ۾ گُستاخي ۽ بي ادَبي جا لفظ بَکي رهيو هو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ اُن گُستاخ کي فرمايو: تون منهنجي پيارن جي گستاخي ۽ بي ادَبي کان باز اچي وڃ نہ تہ آئون تنهنجي خلاف بد دُعا ڪري ڇڏيندس. اُن گُستاخ ۽ بي باڪ بَکيو: تہ ھي مون کي ايئن خوف زَده ڪري رهيو آهي جيئن کو نبي هجي (تہ جنهن جي کا دُعا رَد ناھي ٿيندي). پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ وُضو ڪري مسجد ۾ داخل ٿيا، ٻہ رڪعتون اَدا فرمايون ۽ بارگاهِ خُداوندي ۾ هن طرح عرض گُذار ٿيا: ياالله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن اِن شخص تنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بهترين صحابين جي توهين ڪري توکي ناراض ڪيو آهي تہ اڄ ان کي سزا ڏئي ڪري مون کي هڪ نشاني ڏيکار ۽ ان کي مؤمنن جي لاءِ قابلِ عبرت بڻاءِ. (اڃا ايترو ئي چيو هو تہ) اچانک هڪ (چتو) اُٺ ماڻهن جي صَفن کي چيريندي آيو ۽ اُن کي ڏندن سان دَسي ڇڏيو، پوءِ اُٺ ان کي بُري طرح چٿي ڇڏيو ايستائين جو اهو موت جو شڪار ٿي ويو. راوي فرمائن ٿا: (ان گُستاخ جي هلاڪ ٿيڻ کان بعد) ماڻهو ڊوڙيندا حضرت سَيِّدُنا سَعَد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ اي اَبُو اسحاق! الله عَزَّوَجَلَّ توهان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي دُعا قبول فرمائي ورتي [14] (صَحابہء کِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو دُشمن هلاڪ ٿي ويو.)

جس قدر جنّ و بشر میں تھے صحابہ شاہ کے
سب کو بھی بے شک، خصوصًا چار یاروں کو سلام

14...دلائل النبوة للبيهقى،باب ماجاء فى دعاء رسول الله...الخ،۶/۱۹۰-تاريخِ دمشق،سعد بن مالک،۲۰/ ۳۴۸ ماخوذاً



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گُستاخِ صحابہ جو عِبرَتناڪ اَنجام

حضرت سَيِّدُنا خَلَف بن تَمِيم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي حضرت سَيِّدُنا ابُوالحِصِيب بشير رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٻڌايو تہ آئون تِجارت ڪندو هئس ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل ۽ ڪَرم سان ڪافي مالدار هئس. مون کي هر طرح جون آسائشون مُيسَّر هيون ۽ آئون اڪثر اِيران جي شهرن ۾ رهندو هئس. هڪ پيري منهنجي هڪ مزدور مون کي خبر ڏني تہ فلاڻي مُسافر خاني ۾ هڪ شخص مري ويو آهي، اُتي ان جو ڪوبہ وارِث ناهي، هاڻي ان جو لاش بغير ڪفن دفن جي پيل آهي. جڏهن آئون مُسافر خاني پهتس تہ اتي هڪ شخص کي مُرده حالت ۾ ڏٺم، مون هڪ چادر ان تي وڌي، ان جي ساٿين مون کي ٻڌايو تہ هي شخص وڏو عبادت گُذار ۽ نيڪ هو، پر اڄ ان کي ڪَفن بہ مُيسَّر ناهي ۽ اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو ان جي تَجهِيز وتَڪفِين (ڪفن دفن) ڪري سگهون. مون هي ٻڌو تہ اجرت ڏئي ڪري هڪ شخص کي ڪَفن وٺي اچڻ جي لاءِ ۽ هڪ کي قَبر کوٽڻ جي لاءِ موڪليو ۽ اسان ان جي لاءِ ڪچيون سِرون تيار ڪرڻ لڳاسين، اجا اسان اِنهن ڪمن ۾ مشغول ئي هئاسين تہ اچانڪ اهو مُردو اُٿي وينو، سِرون ان جي پيٽ تان ڪِري پيون، پوءِ اهو وڏي خوفناڪ آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو: هاءِ باهہ، هاءِ هلاڪت، هاءِ بربادي! هاءِ باهہ، هاءِ هلاڪت، هاءِ بربادي! جڏهن ان جي ساٿين هي خوفناڪ مَنظَر ڏٺو تو پَري هٽي ويا. آئون ان جي ويجهو ويس ۽ ان جو هٿ پڪڙي هَلايو ۽ ان کان پڇيو: تُون ڪير آهين ۽ تنهنجو ڇا مسئلو آهي؟ اهو چوڻ لڳو بَدقِسمتي سان مون کي اهڙن بُرن ماڻهن جي صُحبت



www.dawateislami.net

ملي جيڪي حضرتِ سَيِّدُنا صِديق اَڪبر ۽ فارُوقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي گاريون ڏيندا هئا. ان جي صُحبتِ بد جي سبب آئون بہ انهن سان گڏ ملي ڪري شيخينِ ڪريمَين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي گاريون ڏيندو هئس ۽ انهن سان نفرت ڪندو هئس. سَيِّدُنا اَبُوالحَصِيب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون ان جي هي ڳالھ ٻُڌي ڪري اِستِغفار پڙهڻ شروع ڪئي ۽ چيو: اي بَدبخت! پوءِ تہ توکي سخت سَزا ملڻ گهرجي. (پوءِ مون ان کان پڇيو) تُون مرڻ کان پوءِ زِندھ ڪيئن ٿي وئين؟ تہ ان جواب ڏنو: "منهنجي نيڪ عملَن مون کي ڪو فائدو نہ ڏنو. صَحابہءِ ڪِرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي گُستاخي جي سبب مون کي مرڻ کان بعد ڪِهلي جهنَّم جي طرف موڪليو ويو ۽ اُتي مون کي منهنجو ٺڪاڻو ڏيکاريو ويو، اُتان جي باھ گهٽي پڙڪي رهي هئي. پوءِ مون کي چيو ويو، عنقريب توکي ٻيهر زِندھ ڪيو ويندو تہ جيئن تُون پنهنجي بَدعَقيده ساٿين کي پنهنجي دَردناڪ اَنجام جي خبر ڏين ۽ انهن کي ٻڌائين تہ جيڪو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن سان دُشمني رکندو آهي، ان جو آخرت ۾ اهڙو دَردناڪ اَنجام ٿيندو آهي، جڏهن تُون انهن کي پنهنجي باري ۾ ٻڌائي وٺندين تہ ٻيهر توکي تنهنجي اَصلي ٺڪاڻي (يعني جهنَّم) ۾ پهچايو ويندو. هي خبر ڏيڻ جي لاءِ مون کي ٻيهر زِندھ ڪيو ويو آهي تہ جيئن منهنجي ان حالت کان گُستاخانِ صحابہ عبرت حاصل ڪن ۽ پنهنجي گُستاخين کان باز اچي وڃن، نہ تہ جيڪو ان حضرات جي شان ۾ گُستاخي ڪندو، ان جو اَنجام بہ مون وانگر ٿيندو." ايترو چوڻ کان پوءِ اهو شخص ٻيهر مُرده حالت ۾ ٿي ويو. ان جون هي عبرتناڪ ڳالهيون مون کان علاوه ٻَري ٻينل ماڻهن بہ ٻُڌيون، ايتري ۾ مزدور ڪَفن خريد ڪري اچي ويا، مون اهو ڪَفن ورتو ۽ چيو: آئون اهڙي بدنصيب شخص جي هرگز تَجهِيز ۽



www.dawateislami.net

تَڪفِين نہ ڪندس، جيڪو شَيخين ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو گُستاخ هجي، توهان پنهنجي ساٿي کي سنياليو آئون ان وٽ ويهڻ بہ پسند نہ ٿو ڪريان. ان ڪان پوءِ آئون اُتان ڪان واپس هليو آيس. بعد ۾ مون کي ٻڌايو ويو تہ ان جي بَدعقيده ساٿين ئي ان کي غُسل ۽ ڪَفن ڏنو ۽ انهن ڪجھ ماڻهن ئي ان جي نمازِ جنازه پڙهي، انهن کان علاوه ڪنهن بہ نمازِجنازه ۾ شرڪت ڪرڻ پسند نہ ڪيو. (عيونُ الحڪايات،١/ ٢٤٨)

محفوظ سدا رکھنا شہا بے اَدَبوں سے — اور مجھ سے بھی سَرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

(وسائل بخشش،ص١٩٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ شَيخينِ ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي گُستاخ جو ڪيتري قدر عبرتناڪ اَنجام ٿيو. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ شَيخينِ ڪريمَين ۽ تمام صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي گُستاخن کان پري رهندي عاشقانِ رسول ۽ مُحبّانِ صحابہ ۽ اهلبيت ۽ اَولياء جي صُحبت اِختيار ڪريون، ان عظيم هستين جي اُلفت جو ڏِيئو (يعني چراغ) پنهنجي دل ۾ روشن ڪري ٻنهي جهانن جي ڀلائين جا حَقدار بڻجون. الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي مَحَبَّت قَبر ۽ حشر ۾ بيحد ڪار آمد آهي. جيئن تہ هڪ شخص جو بيان آهي: ”منهنجي اُستاد جو هڪ ساٿي فوت ٿي ويو. استاد صاحب ان کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: ”مافَعَلَ الله بِكَ ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو مُعاملو ڪيو؟“ جواب ڏنو: ”الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي.“ پڇيو: ’’مُنڪَر نَڪير جو سُلوڪ ڪهڙو رهيو؟“ جواب ڏنو: اُنهن مون کي ويهاري جڏهن سُوالَ ڪرڻ شُروع ڪيا، الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ خيال وڌو ۽ مون فِرشتن کي چئي ڏنو: ” سَيِّدُنا ابُوبڪر ۽



www.dawateislami.net

فارُوق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا جي واسطي مون کي ڇڏي ڏيو.“ ھي ٻڌي ڪري ھڪ فرِشتي ٻئي کي چيو: ”ھن وڏي بُزرگ ھستين جو وسيلو پيش ڪيو آھي، تنھنڪري ان کي ڇڏي ڏيو.“ آخرڪار اُنھن مون کي ڇڏي ڏنو ۽ تشريف وٺي ويا. (شرح الصدور،حديث عائشة، ص١٤١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَحابہءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان مَحَبَّت ڪرڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي محبوب آھن بلڪ اھڙن خُوش نصيبن کي جَزا واري ڏينھن احمدِ مجتبٰي، محمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُربِ خاص بہ نصيب ٿيندو. جيئن تہ

## سرڪار جو قُرب حاصل ڪرڻ وارو خُوش نصيب

حضرت سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان روايت آھي تہ نبي پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو شخص منھنجي صحابہ ، اَزواج ۽ اَھلِ بيت سان عَقيدت رکندو آھي ۽ انھن مان ڪنھن تي طَعن (تنقيد) نہ ڪري ۽ انھن جي مَحَبَّت تي دُنيا کان اِنتقال ڪري، اھو قيامت جي ڏينھن مون سان گڏ منھنجي دَرَجي ۾ ھوندو.“

(الرياض النضرة،الباب الاول،ذكر ماجاء فى الحث على حبهم والاحسان اليهم ...الخ، ٢٢/١)

مُحبّانِ صحابہ جي لاءِ نِفاق کان بَراءَت (ڇوٽڪاري) جي بشارت بہ آھي جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آھي تہ سرڪارِ نامدار، شَھَنشاھِ اَبرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مَنْ اَحْسَنَ الْقَوْلَ فِيْ اَصْحَابِيْ فَقَدْ بَرِئَ مِنَ النِّفَاقِ“ يعني جنھن منھنجي صَحابين جي مُتعلِّق چڱي ڳالھ چئي تہ اھو نفاق کان بَري (آزاد) ٿي ويو.



www.dawateislami.net

(الرياض النضرة، الباب الاول ،ذكر ماجاء فى الحث على حبهم والاحسان اليهم ...الخ، ٢٢/١)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

رحمتیں لاکھوں ابُو بکر و عُمر عُثمان پر میرے مولیٰ حیدرِ کرّار پر لاکھوں سلام
ہے یقیناً ہر صحابی جاں نثارِ مُصطفٰے ہر مہاجر اور ہر اَنصار پر لاکھوں سلام

## ڪتاب جوتَعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو شان اِيترو قدر بُلند ۽ اعلیٰ آهي جو قديم زماني کان ئي انهن جي سيرتِ مُبارَڪ جي مُتَعَلّق مُختلف ڪتاب ۽ رَسالا لکجي چڪا آهن ۽ هن وقت تائين هي سلسلو جاري ۽ ساري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي طرف کان هن بيان تائين عشرهء مُبَشَّره مان شيخينِ ڪريمَين (سَيِّدُنا ابُوبڪر صديق ۽ سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) جي سيرت تي ضخيم ڪتاب بنام "فيضانِ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ" ۽ "فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا 2 جلد ۽ ڇهن (6) صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سيرت تي مُختصر رَسالا بہ شائع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه صَحابہء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي ڪرامتن تي مُشتمل تمام ئي پيارو ڪتاب "ڪراماتِ صحابہ" بہ مڪتبة المدينہ کان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه "فيضانِ اُمَّهات المؤمنين، فيضانِ عائشه صديقہ، شانِ خاتونِ جنّت" بہ شائع ٿي چڪا آهن. **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان انهن ڪتابن ۽ رسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (*Download*) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (*Print Out*) بہ ڪري سگهجي ٿو .



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان صَحابہءِ کِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻڌو. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان پوءِ تمام انسانن ۾ صَحابہءِ کِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ئي سڀ کان وڌيڪ تعظيم ۽ توقير (ادب) جي لائق آهن. هي اهي مُقدَّس هَستيون آهن، جن رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت تي لَبَّيڪ چوندي اِسلام قَبول ڪيو ۽ پنهنجي تَن مَن ڌَن سان اسلام جي پيغام کي دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو. ان مُبارڪ هستين پرچمِ اسلام جي سربلندي جي لاءِ اهڙيون بي مثال قربانيون ڏنيون، جن جو تَصوُّر بہ اڄ مشڪل آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ شمعِ رسالت جي انهن پروانن جي سچي اُلفت ۽ مَحَبَّت عطا فرمائي ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس "اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ" جو تَعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سُنَّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي پوري دُنيا ۾ عام ڪرڻ جو عزمِ مُصَمَّم (پُختو اِرادو) رکي ٿي، اِن سڀني معاملن کي چڱي انداز سان سَر انجام ڏيڻ جي لاءِ ڪيترن ئي شعبن جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جن مان هڪ شعبو اَلمَدِينة العلميہ بہ



www.dawateislami.net

آهي، جنهن خالِص عِلمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جو پڪو عهد ڪري رکيو آهي. ” المَدينة العلميہ “ جي پهرين ترجيح اعلىٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت مولانا شاهه امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عالي مرتبي وارن ڪتابن کي دورِ حاضر جي تقاضن جي مطابق وَس آهر آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي. ” المَدينة العلميہ جي مختلف شعبه جات ۾ 80 کان وڌيڪ **مَدَني علماء** تحرير ۽ تاليف ۽ تحقيقي ڪمن ۾ مصروف آهن.الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تمام مجالس بَشُمُول ”المَدينة العلميہ“ کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقّي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خَير کي زيورِ اِخلاص سان سينگاري ٻنهي جهانن جون ڀلايون نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”صداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِخلاص ۽ اِستِقامت سان گڏ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ اِڳتي وڌي ڪري حصّو وٺو. انهن 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”صَداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي. **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول ۾ مُسلمانن کي نَمازِ فَجر جي لاءِ جاڳائڻ کي صَداءِ مدينہ لڳائڻ چوندا آهن. يقينًا هن وقت مُسَلمان دين کان تمام پَري ۽ فڪرِ آخرت کي ڇڏي ڪري دُنيا جي فڪر ۾ مصروف آهن. سُنّتون ۽ نَفل تہ پَري جي ڳالهہ ماڻهن جي اَڪثَرِيت فرض نمازن بہ قَضا ڪري ڇڏيندي آهي. انهيءَ سبب جي ڪري اسان جون مَسجدون وِيران



www.dawateislami.net

ٿي ويون آهن، انهن مسجدن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انهيءَ ارادي جي تڪميل جي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪرڻ يقينًا سَعادَت جي ڳالهه آهي. تنهنڪري ڪوشش ڪريو! ۽ مَسجدن جي آبادڪاري جي لاءِ روزانو صَداءِ مدينہ لڳائڻ جو معمول بڻائي ونو.

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سيّدُنا عُمرِ فارُوقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو اهو معمول هو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا هئا، جڏهن نمازِ فجر جي لاءِ تشريف کڻي ايندا هئا تہ رستي ۾ ماڻهن کي جاڳائيندا ايندا هئا، ګڏوګڏ اذانِ فجر جي فورًا بعد مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو تہ ان کي بہ جاڳائيندا هئا. (طبقات کبریٰ، ذکر استخلاف عمر، ۲۶۳/۳) ياد رکو! جيڪڏهن اسان جي اِنفِرادي ڪوشش سان هڪ اسلامي ڀاءُ بہ نمازي بڻجي ويو تہ ان کي تہ نيڪ عَملن جو ثواب ملندو پر ګڏوګڏ اسان بہ ان ثواب سان مالامال ٿينداسين. ڇو جو "نيڪي جي طرف رَهنُمائي ڪرڻ وارو بہ نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي."

(جامع ترمذی ،کتاب العلم ، باب ماجاء الدال علی الخیر الخ ،ج۴، ص۳۰۵، رقم :۲۶۷۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪامل مسلمان بڻجڻ جي لاءِ، غيبت ڪرڻ، ٻُڌڻ جي عادت ڪيڻ جي لاءِ، نمازن ۽ سُنّتن جي عادت وجهڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان هر دَم وابَستہ رهو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سڌي رستي تي اچي چُڪا آهن، انهيءَ متعلق هڪ مَدَني بهار پيشِ خدمت آهي: جيئن تہ مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هيئن بيان آهي تہ "مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ



www.dawateislami.net

”T.V کی تباہ کاریاں“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ماحول سان مُنسلڪ ٿي ويس، مون کي Appendix (آنڊن ۾ سوڄ) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گھٻرائجي ويس ايتري ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ گھٽين ۾ ڦري ڪري **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان. (فيضانِ سنت)

بے عمل با عمل بنتے ہیں سَر بَسَر تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر

اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سُرمو لڳائڻ جون سُنتون ۽ آداب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ته شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسُنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَني گُل“ مان ”اِثمِد“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل ٻڌون ٿا: ﴿1﴾ ”سنن ابن ماجه“ جي روايت ۾ آهي:



www.dawateislami.net

”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراۃُ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کابي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي.

جو بھی شیدائی ہے مَدَنی قافلوں کا یاخدا

دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[15]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهرين ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهرين، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[16]

15...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

16...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[17]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡھَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[18]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمۡ کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[19]

---

[17]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[18]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[19]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[20]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[21]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

---

20 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

21 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، **حديث** 4455)

صَـلُّوا عَـلَي الْـحَبِيْب! صَـلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُـحَـمَّد



www.dawateislami.net